بارن لاء بائبل
تحفو

# پطرس ءِ دعا جي طاقت



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٿاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

پطرس رسول سڄي ملڪ ۾ سفر
ڪيو ته جيئن ٻين کي يسوع بابت
ٻڌائي. هڪ ڏينهن لڏيه نالي
شهر ۾ هڪ ماڻهوءَ سان مليو،
جيڪو اٺن سالن کان مفلوج،
بستري تي پيو هو. "يسوع
مسيح توهان کي شفا ڏيندو،"
پطرس چيو. "اٿ ۽ پنهنجو
بسترو کڻ." مڙس هڪدم
اٿي پيو.

جن ماڻهن اهو
ڏٺو، سو خُداوند
ڏانهن متوجه ٿيا.





يافا جي پرسان ڳوٺ ۾ ماڻهو غمگين
هئا. تبيتا نالي هڪ مسيحي عورت
تازو ئي فوت ٿي وئي هئي. هُن جيون
سهليون افسوس ڪندي هن جي لاش کي
دفن ڪرڻ لاء تيار ڪيو، پوء هن کي هڪ
مٿين ڪمري ۾
رکيو، جتي
اهي
سڀ
گڏ
هئا.



پر تبيتا جي سهلين ٻڌو ته پطرس علائقي ۾ آهي. انهن پطرس کي فوري طور تي يافا ڏانهن اچڻ لاءِ سڏيو. جڏهن هو انهيءَ مٿئين ڪمري ۾ آيو، تڏهن بيواه عورتن اُهي ڪپڙا ۽ لباس ڪيس ڏيکاريا، جيڪي تبيتا انهن لاءِ ٺاهيا هئا. هر ڪو روئي رهيو هو.

پر پطرس انهن سڀني کي
ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ گوڏن
پر ڪري دعا گهريائين.
۽ لاش ڏانهن رخ ڪندي
چيو، "تبيتا، اٿي." ۽ هن
پنهنجون اکيون کوليون، ۽
جڏهن هن پطرس کي ڏٺو
ته هوء اٿي ويٺي.





پوءِ هن هن کي پنهنجو
هٿ ڏنو ۽ هن کي مٿي
کنيو. ۽ جڏهن هن مقدسن
(مسيحين) ۽ بيواون کي
سڏيو، هن کي جيئرو
پيش ڪيو. ۽ اهو سڄي
يافا ۾ مشهور ٿيو، ۽
ڪيترن ئي خُداوند تي
ايمان آندو.



پطرس گھڻو وقت يافا ۾، سمنڊ جي ڪناري واري گھر ۾
رهيو. هڪڙي ڏينهن پطرس گھر جي چوٽيءَ تي
دعا گھرڻ ويو. جيڪڏهن هن شهر جي
ديوارن تي نظر ڪئي هجي
ها ته شايد ٿي مسافر هن
کي ڏيسجن ها جيڪي
هن کي ڳولڻ لاءِ پي آيا.

اهي ماڻهو ڪرنيليس نالي هڪ رومي صبيدار جا نوڪر هئا، جيڪو خُدا جي عبادت ڪندو هو.



ڪرنيليس پطرس کي ڳولڻ لاءِ پنهنجن نوڪرن کي
موڪليو، چاڪاڻ ته هڪڙي ملائڪ ڪيس رويا ۾
چيو ته "هاڻ يافا
مان ماڻهو
مڪلائي
شمعون جيڪو
پطرس سڏجي ٿو کي
گهراءِ، هو شمعون دباغ
وٽ رهيو پيو آهي، جنهن
جو گهر سمنڊ جي
ڪناري تي آهي."



جڏهن پطرس گهر جي ڇوٽي تي دعا پہ ڪئي، خُدا کيس هڪ خواب موڪليو. ائين پئي لڳو ڄڻ هڪ وڏي چادر ڌرتيءَ تي هيٺ ڪري رهي آهي. چادر تي جانور ۽ پکي هئا. پطرس چيو تہ اهي "ناپاڪ" هئا. مطلب تہ مذهبي يهودين کي انهن کي کائڻ جي اجازت نہ هئي. اوچتو کيس آواز آيو. "پطرس اٿ، ماري ۽ کاءِ."



"ایٔ خُداوند، هرگز نه!" پطرس خُدا کي چيو. "چاڪاڻ ته مون ڪڏهن به حرام يا ناپاڪ شيء نه کاڌي آهي." هي آواز هن سان ٻيو ڀيرو ڳالهايو. "جنهن کي خُدا پاڪ ڪيو آهي، تنهن کي توکي حرام نه سڏڻ گهرجي." اهو ٽي ڀيرا ڪيو ويو. ۽ پوءِ چادر وري آسمان ۾ کنئي وئي.



پطرس سمجهي نه سگهيو ته ان خواب جو مطلب
چا آهي. جيئن هن ان بابت سوچيو، خُدا کيس ٻڌايو
ته ٽي ماڻهو هن کي ڳولي رهيا آهن
۽ انهي کي انهن سان
گڏ وڃڻ گهرجي.





جڏهن انهن ٽنهي ماڻهن پطرس کي ٻڌايو ته
هڪ مقدس فرشتي ڪرنيليس کي چيو ته هن
کي گُهراي، پطرس چاڻي ٿو ته خُدا هن جي
اڳواڻي ڪري رهيو هو. ٻئي
ڏينهن، هو ۽ ڇهه دوست
ڪرنيليس جي گهر ويا.





ٿي سگهي ٿو، جيئن هن هڪ
غير يهودي انسان جي گهر ڏانهن
پنهنجو رستو ٺاهيو، پطرس اهو
سمجهڻ شروع ڪيو ته خُدا سڀني
ماڻهن سان پيار ڪري ٿو - اهو
خُدا چاهي ٿو ته سڀني قومن کي
ڇاڻڻ گهرجي ته يسوع دنيا جو
ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي. جڏهن
پطرس پهتو، ڪرنيليس هن جي
اڳيان ڪري سجدوڪيو.

"اٿي بيهو. مان پڻ هڪڙو ماڻهو آهيان،" پطرس ڪرنيليس کي چيو. پوءِ هن گهر جي سڀني ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان کي خبر آهي ته يهودين لاءِ اهو جائز ناهي ته هو ڪنهن غيرقوم سان صحبت رکي يا وٽس وڃي.



"پر خُدا مون تي وحي ڪيو ته مان ڪنهن به ماڻهوءَ کي عام ۽ ناپاڪ نه چوان."

پطرس انهن غير قوم وارن (غير يهودين) کي ٻڌايو ته يسوع خُدا جو پٽ آهي جيڪو صليب تي مري ويو ۽ دنيا جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ ٿيڻ لاءَ ٻيهر جيئرو ٿيو آهي. پوءِ انهن سڀني تي پاڪ روح نازل ٿيو ۽ اهي خُدا جي واکاڻ ڪرڻ لڳا. پطرس جا ڇهه يهودي دوست حيران ٿي ويا. هي پينتڪوسٽ وانگر هو. روح القدس جو تحفو غير قومن تي پڻ نازل ڪيو پيو وڃي. پوءِ پطرس نون ايمان وارن کي يسوعؑ بپتسما ڏنو.



يروشلم ۾ مسيحي پطرس تي غير قومن ڏانهن وڃڻ تي تنقيد
ڪن ٿا. تنهنڪري پطرس انهن کي ٻڌايو ته هن هڪ رويا ڏٺي
آهي ۽ ڪرنيليس کي به دعا گهرڻ جي وقت هدايت ڪئي وئي
آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي يروشلم جا مسيحي خاموش ٿي ويا. ۽
اهي خُدا جي واکاڻ ڪرڻ لڳا، جنهن دعا جي ذريعي مسيحي
ڪليسياءَ کي ظاهر ڪيو ته
خُدا جي محبت سڀني
ماڻهن لاء آهي.



# پطرس ۽ دعا جي طاقت

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

رسولن جا ڪم ٩ - ١٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ثوڏئي."
زبور 119: 130

ختم

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائي آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.